1. ظفر علي سيال
2. زين العابدين سوڍر

# شاهہ جي شاعري ۾ عورت جي جذبن جو عڪس

## Images of women’s feeling in the poetry of Shah

**_Abstract:_**

*This paper highlights the images of women’s feelings in poetry of Shah.The women of Shah Abdul Latif,s poetry are Known as seven queens heroines of Sindhi, who had given an special place in the poetry of Shah “Shah-Jo- Risalo”.These Seven queens were Celebrated throughout the Sindh for their positive qualities: their honesty, integrity, piety and Loyality.*

*Shah Latif’s Poetry was mainly based on love stories of Sindhi folk lore dominated by women, who stood against the tyranny of time.Shah has expressed the qualities of bravery, real love in women.*

*In the story of Sassui, She is seen as example of bravery boldness, true and target similarly.Shah has taken all her Characters Such as Sassui-Punhoo, Umar -Marvi, Laila - Chanesar, Moomal-Rano, Sohni-Mehaer, Noori Jam Tamachi and Soarath Rai Diach.*

*Marvi as a symbol of patriotism,She abolished the offer of wealth power and all types of comfort.Sohni is presented as rebell .In the case of “Noori” her simplicity and politeness was remained same as before. Though a King Jam Tamachi did everything as true lover to achieve her. Shah Latif has taken all characters (Seven) brave women and presented them as perfect in themselves.*

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ( 1690_1752) سنڌي ٻوليءَ جو عظيم صوفي شاعر ٿي گذريو آهي. شاهہ سائين دنيا جي وڏن شاعرن، مفڪرن مان هڪ آهي. جنهن کي اڄ بہ وڏي ادب، احترام ۽ محبت سان ياد ڪيو وڃي ٿو ۽ وڏي پئماني تي پڙهيو وڃي ٿو. دنيا ۾ جن شاعرن تي تمام گهڻو تحقيقي ڪم ٿيو آهي، شاهہ لطيف انهن مان هڪ آهي. سندس فن ۽ فڪر تي تمام گهڻا ڪتاب لکيا ويا آهن. بلڪ شاهہ سائين جي شاعريءَ تي ويهن کان مٿي پي -ايڇ. ڊيز ٿي چڪيون آهن. اهوئي سندس عظمت جو اهڃاڻ ۽ سندس شاعريءَ جي گهرائي جو وڏو دليل آهي.

شاهہ عبداللطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ ٻين موضوعن سان گڏ عورت جي سونهن سوڀيا، انسان دوستي، محبت، حيا، وقار، وفاداري، حب الوطني، نيڪ اوصاف، سماج جا اعليٰ قدر پيش ڪيا آهن. حقيقت ۾ شاهہ صاحب سنڌي عورت کي سنڌي سماج جي اعليٰ قدرن جي سنڀاليندڙ ڪري پيش ڪيو آهي.

شاهہ عبداللطيف جي شاعري ۾ عورت جي جذبن جو عڪس سنڌي سماج ۾ سندس حيثيت کي سمجهڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو ۽ ان لاءِ ضروري آهي تہ لطيف جي دؤر ۾ ان جي ڪلام

۾ موجود ڪردارن جي رويي ڪي سمجهڻ ۽ سندس سورمين جي حوالي سان خوبيون اجاگر ڪيون. جيڪي هن بيان ڪيون آهن. جن ۾ عورت جي وفاداري، سڪ، ڳولا، مستقل مزاجي برداشت جي قوت، خوداعتمادي ۽ جدوجهد جا جذبا شامل آهن.(01) عورت جيڪا ڪائنات جو اهم جز آهي، ان جي حيثيت جي عقيدت جي اعليٰ مقام تي آندي اٿس. ائين ٿو لڳي ڄڻ اهي ڪردار شاهه جي پنهنجي زندگي جو حصو آهن. هن عورت جي نفسيات ڪي خود پروڙيو آهي، صرف هڪ سسئي تي پنج سر (سر سسئي آبري، معذوري، ديسي، ڪوهياري ۽ حسيني) خلقيا اٿس. ان ڪان علاوه هن باقي سورمين تي به خوب شاعري ڪئي آهي. جن مان ڪيترن سُرن ۾ پاڻ عورت جو روپ ڌاريو اٿس. يعني ڪن سرن ۾ عورت سان مخاطب آهي، ڪن سرن ۾ عورت جو ڪردار موجود آهي.

جيئن ته شاهه صاحب جي شاعري احساسن ۽ لطيف جذبن جي شاعري آهي، جنهن ۾ پاڻ عورت کي اعليٰ سماجي حيثيت ڏني اٿس، ان ڪري هتي اسين سنڌي سماج جي ڪمزور ۽ لاچار عورت جو شاعري ۾ مختصر جائزو وٺنداسين.

شاهه صاحب هڪ پاسي ته سسئي لاءِ چوي ٿو:

"اڏر، نڌر، اپري، اسونهين آئون"
(سر سسئي آبري) (02)

يعني سسئي کي پهريان هڪ اَپري ڪمزور ۽ بي سهارا ڏيکاري ۽ پوءِ اڳتي هلي هن جو ايترو ته عظم ڏيکاري ٿو جو هوءَ جبل سان به سينو تي ساهي ۽ چوي ٿي:

ڏَڀِي ڪَنڌين ڪُهَه ڏو ُنگَر ڏُکُوين کي،
تون جي پَهڻ پَبَ جا، ته لِڱ منهنجا لوهه،
ڪنهن جو ڪونهي ڏوهه، آمر مون سين ائين ڪيو.
(سر ڪوهياري) (03)

ٻئي طرف سر ديسي ۾ فرمائي ٿو:

وَرَ ۾ ڪونهي وَرُ ڏيرن وَرُ وَڏو ڪِيو،
نِهارِينديَسِ نَڪَٽِي، بوڙَنِ ڪاڻِ بَرَ،
آڏو نَڪَرَ ڏُرِ، مَتان روهَ رَڙيُون ڙيين.
(سر ديسي) (04)

سورميون پنهنجي جاءِ تي تمام مضبوط ڪردارن ۾ نظر اچن ٿيون، سسئي چوي ٿي:

پيرن پنڌ ڇڏيو ته گوڏن پر گسڪندياس،
گوڏن گسڻ ڇڏيو ته چيلهه پر چرندياس،
چيلهه چرڻ ڇڏيو ته سيني پر سرندياس،
سيني سرڻ ڇڏيو ته هٿن سان هلندياس،

هٿن هلڻ ڇڏيو تہ اکين سان ايندياس،
مرون ٿي مرن ۾ جبل جهاڳيندياس،
جي مليا تہ ملندياس، نہ تہ گهوري جان جتن تان.

هو عورت جي واتان شاعري ڪرائي ٿو. (05) ۽ عورت کي ئي هر قسم جي حالتن ۾ سرگرم رهڻ جي تاڪيد ٿو ڪري:

تَتِي ٿَڌي ڪاهِ، ڪانهي ويلَ وِهَڻَ جِي،
آسَر هَڏِ مَ لاهِ، ڇِنَڻَ ڳَنڍَڻُ اُنِ جو.
(سر معذوري. 6)

شاهہ سائين ان دؤر جو شاعر هو، جنهن ۾ چوري غفلت ۽ بي همتي کي ختم ڪرڻ جي ضرورت هئي. (06)

ڊاڪٽر نجمہ نور ڦلپوٽو پنهنجي تحقيقي مقالي ۾ مارئي جي ڪردار، سچائي ۽ رشتن جي پيار جي حوالي سان لکيو آهي تہ:

مارئي جيڪا ڪوٽن ۾ قيد هجڻ باوجود بہ وقت جي حاڪم آڏو مهاڏو اٽڪائي پنهنجي ديس ۽ مارن خاطر سر نہ ٿي جهڪائي. سر مارئي ۾ شاهہ سائين مارئي جي روپ ڏيکاريو آهي، تہ هوءَ ڪيڏي نہ پنهنجي وطن جي مٽي لاءِ ماندي آهي، پنهنجي لوئي جي لڄ لاءِ وقت جي طاقت سان وڙهي ٿي. پنهنجي وطن سان، مٽيءَ سان محبت ۾ چوي ٿي:

واجهائي وطَن کي، ساري ڏِيان ساهہُ،
بُتُ مهُتجو بَندَ ۾، قَيدِ مَ ڪَريجاهہُ،
پَرڏيهياڻِي پِرِينءَ ري، ڏاَر مَ ڏِريجاهہُ،
ٿڌي وسائج ٿر جي، مِٽِي مُئيءَ مَٿاهہُ،
جي پوئُون ٿِئي پَساهہُ، تَہ نِجان مَڙهہُ مَلِيَر ڏي.
(سر مارئي) (07)

ڊاڪٽر محمد علي مانجهي پنهنجي تحقيقي مقالي ۾ لکي ٿو تہ ”انسان هميشہ کان فطرت سان پيار ڪندو آهي ۽ رشتن سان پڻ گهڻو پيار ڪندو رهيو آهي، جيڪو مارئي جي ڪردار مان بہ نظر اچي ٿو.“ (08)

ڊاڪٽر تهمينہ مفتي لکي ٿي تہ ”شاهہ جون سورميون پنهنجي حيثيت مرد جي آڏو ٻڙي برابر سمجهن ٿيون“. (09)

ڊاڪٽر فهميده حسين پنهنجي تحقيقي مقالي ۾ لکي ٿي تہ ”سموري سر ۾ مارئي جو ڪردار هڪ مڪمل عورت جو ڪردار بڻجي ٿو هڪ ثابت قدمي جو اهڃاڻ بڻجي ٿو.“ (10)

ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته ”مارئيءَ سنڌي نياڻي جي پاڪ دامني جو اهڃاڻ مثالي ڪردار آهي، جو جيستائين سنڌي سماج زنده آهي ته وسرڻ جو نه آهي.“ (11)

نارائڻ داس ڀمڀاڻي لکي ٿو ته ”عمر مارئي کي هر قسم جون سهولتون ڏيڻ جي آڇ ڪئي وڃي ٿي پر هو انڪار ڪري ٿي. اوڇن بسترن جي تمنا نه ٿي رکي، هن کي گهٽي جي گهرج نه آهي.“ (12)

سر سهڻي ۾ شاهه سائين ڏيکاريو آهي ته هو فطرت جي مطابق بيڪار رسمن کي ٺڪرائي ۽ پنهنجي پيءُ طرفان زوري مڙهيل مڙس جي ملامت ڪري ٿي. ڊاڪٽر شير مهراڻي پنهنجي ڪتاب ۾ ذڪر ٿو ڪري ته سهڻي جيڪا ڏوت ڏهي ميهار وٽان پيتي ان جو ذائقو زندگي ڀر نه وسرندس.

ميهاران مَهِي، پيتائِين پِريم، جي،
اَرِڪَ سُرِڪَ، سَيِدُ چئي، لَڳِيَسِ ڏوت ڏهي،
سگهي تان نَه سهِي، مِلي جان نَه مِهاَر کي.
(شهواڻي4/16) (13)

هن سر ۾ شاهه صاحب عورت کي پنهنجن ارادن ۾ مضبوط ڏيکاريو آهي ۽ سماج جي غلط رسمن کي ريٽي ڇڏيو آهي.

گهَڙو ڀَڳو تَه گهوريو، مَڙُ چورَ ٽِڙئي چُوڙو،
طَالِبُ المولِيٰ مُذڪر“ ايءَ ٻَلَنّدَنِ ٻُوڙو،
ڪوڙهيو ڏمُ ڪوڙو، مُون مِيهاَر مَنَ ۾.
(سر سهڻي) (14)

شاهه صاحب سهڻي سان سماجي يا مذهبي طور تي ناانصافيون ٿيندي ڏسي نه صرف سهڻي بلڪه هر عورت جي حمايت ڪري ٿو ۽ تلقين ڪري ٿو ته عورت کي ڪمزور هيڻو نه سمجهيو وڃي. جيڪڏهن سهڻي جو اهڃاڻ انوکو ۽ سماج جي غلط رسمن خلاف باغي ڪردار نه هجي ها ته هو ٻين مظلوم عورتن وانگر بي خبر رهي ها.

شاهه سائين درياهه جا مختلف روپ ڏيکاري ٿو درياهه جو خوف، لهرون، يخ ٿڌو پاڻي ۽ ٻيا منظر شامل آهن. هو فرمائي ٿو:

سهه سيارو پاڻي پارو، جت جهڙجهڪ ۽ جهول،
من اندر ميهار جا هينئڙي اچن هول،
جلانهن نه ٻڌيس ٻول تي اڙانگا آر اتران.
(سر سهڻي ميهار 3/15)

سياري جي سردي ۽ درياهه جو خوف بابت شاعر ڪيترو نه قدرت جو عڪس پيش ڪري ٿو.

تنوير عباسي لکي ٿو تہ شاعراڻو عڪس، جيترو گهڻ رخن وارو هوندو اوترو ئي جامع ٿيندو آهي ۽ ڪائنات تي ايترو مڪمل نقشو پيش ڪندو. (15)

سر سهڻي مان ورتل هڪ بيت جنهن ۾ ڪاري رات جو هڪ عڪس ڏنل آهي:

ڪاري راتِ، ڪَڇو گهڙو اُٿيهہ اونداءِ،
چَنڊُ نالو ناهہِ ڪو دَرياهہَ دَڙَ لاڻِي،
ساهَڙَ ڪارڻِ سهڻي، آڏي تي آئِي،
اي ڪَمَ اِلاهِي، ناتَ، ڪُنَن ۾ ڪير گهڙي.
(سر سهڻي ميهار 9/11)

شاهہ سائين نہ صرف سهڻي ميهار جي ڳالهہ ڪندي اونداهي ۽ روشني جا گڏيل عڪس چٽيا آهن. پر سونهن جي نئين دنيا بہ تخليق ڪئي آهي. ڊاڪٽر شير مهراڻيءَ بہ لکيو آهي تہ ”شاهہ صاحب پنهنجي شاعري ۾ زندگيءَ جي عام شعبي سان لاڳاپيل عورتن جو ذڪر ڪري ڪين ايڏو اهم بڻائي ڇڏيو آهي جو اهو عام عورتون ”آئيڊيل“ ۽ سورميون بڻجي پيون آهن.“ تہ ٻئي پاسي شاهہ نوري جي ڪردار کي ساراهيو آهي، جڏهن عورت جي دل ۾ سچائي ۽ عاجزي هجي تہ هوءِ منزل تي پهچي وڃي ٿي.

شاهہ سائين فرمائي ٿو:

ڌِهَڙو ڪِينجُهَر ۾، ڪِيَن پيو جهڙي سونهن سَنِدياس،
مَ ڏُمَ مياٽيءُ ون، مَ ڪُڙا، مِڙَئِي مَعافُ ڏِياس،
مُورچَل مَ تاس، هَٽي ڄام هَٿن سين.
(سر ڪاموڏ) (16)

نوري جي روپ ۾ عورت سنڌي سماج جو هڪ اهڙو ڪردار آهي، جيڪا پنهنجي اصليت نہ ٿي وساري ۽ وقت جي حاڪم وٽ رهي ڪري بہ پنهنجي سادي ۽ غريباڻي گهرن کي نہ ٿي وساري، هن جي صورت ۽ سيرت بيان ڪئي آهي.

ڪکيءَ هاٽيون ڪاريون، ڇيچي هٽا ڇج،
پاند جنين جي پاند سين، لڳو ٿئي لڄ،
سمو ڄام سهڄ، اپو ڪري ان سين.
(سر ڪاموڏ) (17)

عورت جي اها سچائي ۽ نوڙت هئي، جنهن ڄام صاحب کي بہ پاڻ سان ڪينجهر ۾ لهي ڪم ڪرڻ تي مجبور ڪيو. شاهہ سائين انهي محبت جو نقشو ڪجهہ هن طرح چٽيو آهي:

مٺيءَ هٿ ۾ مڪڙي ڄام هٿ ۾ ڄار،
سڄو ڏينهن شڪار، ڪينجهر ۾ ڪالهہ هو.
(سر ڪاموڏ) (18)

هن مان ثابت ٿئي ٿو ته غريب جيوت وارا ماڻهو به حيثيت ماڻي سگهن ٿا، ان لاءِ شاهه سائين فرمائي ٿو:

سڀ سميون، سڀ سومريون، سڀني ڳچيءَ هس،
پسڻ ڪارڻ پرين جي وڏا ڪيائون وس،
ڍول تنين جي گس، هينايون هلن جي.
(سر ڪاموڏ) (19)

ڊاڪٽر نجمه نور پنهنجي تحقيق ۾ لکي ٿي ته سماج ۾ رڳو ان عورت جي حيثيت نه آهي، جيڪا اميراڻي گهراڻي جي هجي، اوهين نوري جو مثال ڏسو نوري پنهنجي نماڻائي به بيان ڪري ٿي، جيئن:

تُون سَمہ ُون، آئون گندري، مہ ُون ۾ عَيبَ ِن لکُ،
هِنَ مہ ُنهنجي حالَ جِي، توکي سَڀَ پ َرکَ،
ڪاَرڻِ رَبّ لَکَ، مہ َتان ماڱر مہ َڇِيين.
(سر ڪاموڏ)

نوري ۾ ڪا به وڏائي نه آهي، ڇو ته هن جي پرورش غريب ملاح جي گهر ۾ ٿي هئي ۽ هن ۾ ڪا به وڏائي نظر نه ٿي اچي، نوري جي قصي ۾ تمام گهڻو جماليات نظر اچي ٿو، شاهه سائين فرمائي ٿو:

هيٺ جر مٿي مجر پاسي ۾ وڻ واهه،
اچي وجي وچ ۾ تماچيءَ جي ساءِ،
لڳي اتر واءُ، ته ڪينجهر هندورو ٿئي.
(سر ڪاموڏ)

هن ۾ شاهه سائين نوريءَ جي روپ ۾ قدرتي خوبصورتي جي ڳالهه ڪري ٿو جيئن جر، وڻ ۽ ڪينجهر ۾ تماچيءَ سان گڏ سفر ڪرڻ وقت ڪينجهر جو هندورو ٿيڻ وغيره.

شاهه سائين جي شاعري ۾ عورت کي تمام گهڻي حيثيت ڏني وئي آهي، شاهه سائين مومل جي سونهن به بيان ڪئي آهي، ٻڌائي هن جي سونهن، اکين، ڇهرن، هن جي هر طرح جي سونهن جي تعريف ڪري ٿو مومل جي ٻين سورمين جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻي تعريف ڪئي اٿس، جيئن:

مومل کي مجاز جا اکين ۾ انبور،
هڻين حاڪمين کي پٽ نهاري پور،
گهوٽ ڀڃرين گهور، جي وياسي وڍيا.
(سر مومل راڻو، 22)

مومل جي مجاز عشق جو تمام گهڻو ذڪر ٿيل آهي، ٻئي پاسي شاهه سائين هيئن فرمائي ٿو:

مومل کي مجاز جا اکين ۾ الماس،
نڪي عام نڪي خاص، جي ويا سي وڍيا.
(سر مومل راڻو) (20)

ٻئي پاسي سر ڪاپائتي ۾ مضبوط تند ڪتيندڙ عورت يعني ڪاپائتي جي پورهئي جو ذڪر آهي، شاهه سائين فرمائي ٿو ته:

محبت پائي من ۾ رنديا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو ئي اگهايو.
(سر ڪاپائتي) (21)

اهڙي طرح شاهه سائين مومل، ليلان، سورٺ، سهڻي، نوري، مارئي، ڪيڏاري جي بهادر عورتن، موکي جي ڪردارن جي جذبات، احساس ۽ امنگن کي پنهنجي ڪلام ۾ بي مثال اهميت ڏني آهي، جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته شاهه سائين پاڻ عورت جي احساسن، جذبن، سوچن، نفسيات ۽ سماجي حيثيت کان تمام گهڻو متاثر هو. شاهه جي شاعري ۾ عورت جي جذبن جي عڪس تي نظر وجهون ٿا ته شاهه سائين عورت کي وڏي احترام سان ڏنو آهي ۽ ان کي سماجي حيثيت ڏني اٿس، جنهن جو دنيا جي تاريخ ۾ ڪٿي به مثال نه ٿو ملي.

## نتيجو:

شاهه سائين جي نظر ۾ عورت پنهنجي پاڻ ۾ سموريون صلاحيتون رکندڙ ڀرپور وجود رکندڙ انسان آهي. هوءَ پنهنجي صبر، تحمل، شرافت، دانائي ۽ همت سان سماج مان ڏاڍ ۽ ظلم جون پاڙون پٽڻ لاءِ حيلا به هلائيندي رهندي آهي، ته پنهنجي حيثيت به مڃائيندي رهي آهي. شاهه سائينءَ جي شاعريءَ جو مرڪزي نُڪتو عشق، حُسن، انسان دوستيءَ سان گڏ عورت جي احساسن جو املهه اظهار به آهي. شاهه صاحب پنهنجي لازوال ۽ لاجواب شاعريءَ ۾عورت جا ڪردار اهڙي نموني پيش ڪري ثابت ڪيو آهي ته عورت عشق جي راهه جون سڀ ڏکيائيون برداشت ڪري سگهي ٿي ۽ پنهنجي منزل ماڻي سگهي ٿي. شاهه سائين پنهنجي شاعريءَ ۾عورتن کي ايڏي وڏي اهميت ان لاءِ به ڏني آهي ته هوءَ تاريخ ۾ هميشه کان پنهنجي اهميت کان محروم رکي وئي ۽ شاهه صاحب تاريخ ساز شاعر آهي، جنهن تاريخ جو منهن موڙي ڇڏيو آهي. هن عورت کي سماج ۾ هيٺي، ڪمزور بلڪ هيٺين طبقي جي حيثيت ۾ ڏٺو ۽ هن کي اخلاقي سهارو ڏئي سماج ۾ اهو مقام ڏنو جنهن جي لاءِ هن ڪيئي صديون ووڙيو ۽ جاکوڙيو هو.

مجموعي طور تي شاهه صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ عورت جي جذبن ۽ احساسن جو اظهار ڪري هن کي تمام وڏي اهميت ڏني آهي. سندس شاعريءَ ۾ اڪثر عورتون متحرڪ Active ۽ گهڻا مرد ڪردار غير متحرڪ Passive نظر اچن ٿا. شاهه سائين جي شاعريءَ ۾ عورتن جي وفاداري، سچو پيار، سادگي، سڪ، ڳولا، جستجو، برداشت جي قوت، وطن سان محبت، بغاوت، مزاحمت، ارادن ۾ مضبوطي، پُر اميدي، همت، ايمانداري ۽ خواهشن جا جذبا سمايل آهن.

## حوالا:


1. فهميده حسين، ڊاڪٽر ”شاهه لطيف جي شاعري ۾ عورت جو روپ“ (پي-ايچ. ڊي ٿيسز)، ڪراچي: ثقافت کاتو حڪومت سنڌ. 1993ع، ص:4.
2. شاهواڻي، غلام محمد ”شاهه جو رسالو“ ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي، 2005ع، ص:317.
3. قاضي، علامه آءِ آءِ ”شاهه جو رسالو“ ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، 1986ع، ص:492.
4. شاهواڻي، غلام محمد ”شاهه جو رسالو“ سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 2005ع، ص:389.
5. فهميده حسين، ڊاڪٽر ”شاهه لطيف جي شاعري ۾ عورت جو روپ“ (پي-ايچ. ڊي ٿيسز) ڪراچي: ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 1993ع، ص:484.
6. شاهواڻي، غلام محمد ”شاهه جو رسالو“ ڪراچي: سنڌيڪا، 2005ع، ص:485.
7. شاهواڻي، غلام محمد ”شاهه جو رسالو“ ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي، 2005ع، ص:580 .
8. مانجهي، محمد علي، ڊاڪٽر ”شاهه لطيف سنڌي ٻولي ۽ سماج“ مرتب خالد آزاد، حيدرآباد، سنڌي لينگئيج اٿارٽي، 2007ع، ص:70.
9. مفتي ڊاڪٽر تهمينه ”شاهه لطيف سنڌي ٻولي ۽ سماج“ مرتب خالد آزاد، حيدرآبد: سنڌي لينگئيج اٿارٽي، 2007ع، ص:139.
10. ڊاڪٽر حسين فهميده ”شاهه لطيف جي شاعري ۾ عورت جو روپ“ (پي-ايچ. ڊي ٿيسز) ڪراچي: ثقافت کاتو حڪومت سنڌ 1993ع، ص:276.
11. شاهنواز سوڍر، ڊاڪٽر ”اوجاڳي اجاريا“ لاڙڪاڻو: لطيف ساجاهه پبليڪيشن 2000ع، ص:48.
12. ڀمڀاڻي، نارائڻ داس ”شاهه جون سورميون“ مرتب ناز سنائي، حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر، 2012ع، ص:114.
13. مهراڻي، شير، ڊاڪٽر ”جماليات تنقيدي جائزو“ ڪراچي: سوجهرو پبليڪيشن، 2017ع، ص:21.
14. شاهواڻي، غلام محمد ”شاهه جو رسالو“ ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي، 2005ع، ص:221.
15. عباسي، تنوير ڊاڪٽر ”شاهه لطيف جي شاعري“ ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، 1995ع، ص:180.
16. شاهواڻي، غلام محمد ”شاهه جو رسالو“ ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي، 2005ع، ص:624.
17. ساڳيو ص:624
18. ساڳيو ص:697
19. قاضي علامه آءِ آءِ ”شاهه جو رسالو“ ڄامشورو: سنڌي ادبي، 1986ع، ص:346.
20. فهميده، حسين، ڊاڪٽر ”شاهه لطيف جي شاعري ۾ عورت جو روپ“ (پي-ايچ. ڊي ٿيسز)، ڪراچي: ثقافت کاتو حڪومت سنڌ 1993ع، ص:490.
21. شاهواڻي، غلام محمد ”شاهه جو رسالو“ ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي، 2005ع، ص:832.